ڊاڪٽر غلام فاطمہ ٻير

# سنڌ جي جديد شاعره سحر امداد


## *Abstract:*

*Sahar Imdad Hussaini has proven herself as a poetess of versatile style among modern poets and poetesses. She has expressed herself very beautifully in almost every genre of modern Sindhi Poetry.*

*Prof Dr. Sahar Imdad Hussaini uses her pen name as Sahar imdad was born on 20th July 1951 at Hyderabad Sindh.*

*She started writing poetry from 1969, prior to this, she used to write essays in college magazines and various newspapers.*

*Dr Sahar Imdad is the writer of eight books, from them her Mono-graph, "Consciences, Poet poetry* (شعور، شاعر، شاعري) *has received best Monograph award in 2008 from Sindhi Language Authority. Her books include a poetry collection named as* 'چوڏهين چنڊ آڪاس'.


**شعر** ۽ ادب جو سڌو سنئون تعلق انساني شعور سان آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ابتدائي شاعري، 'لوڪ شاعري' آهي، جنهن جو ڪو هڪ فرد شاعر نہ هو، پر اُها شاعري عوام جي اجتماعي جذبن جو اظهار هئي، جنهن ۾ مرد ۽ عورتون گڏجي گيت چوندا ۽ ڳائيندا هئا. وقت بہ وقت ان ۾ مصراعون وڌائيندا رهندا هئا. ساڳيءَ طرح جڏهن مختلف مذهبن سنڌ ۾ زور ورتو، تہ ان جي نتيجي ۾ امن پسند سنڌين تصوف واري راهہ ورتي ۽ سنڌ ۾ ڪيترائي باڪمال صوفي شاعر پيدا ٿيا، جن ۾ مرد شاعرن سان گڏ شاعر عورتون بہ شامل هيون، جن مان صوفي شاعرائون مرڪان شيخڻ، غلام فاطمہ لال، مائي بيگم فقيرياڻي ، نماڻو فقير عرف رُڪي ٻائي وغيره جا نالا اهميت رکن ٿا. جنهن مان اها ڳالهہ چٽيءَ طرح ثابت ٿئي ٿي تہ دنيا ۾ تبديل ٿيندڙ حالتن جو اثر سنڌي قوم جي مردن توڙي عورت شاعرن تي پوندو ر هيو.

ٻين ٻولين جيان سنڌي ادب تي جديد ۽ تبديل ٿيندڙ دنيا جو اثر پيو، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي شعر ۽ ادب جي دنيا ۾ نئين تبديلي آئي، اُنهيءَ نئين تبديليءَ سبب





انسان جي سوچ ۽ فڪر ۾ تبديلي آئي، جنهن جو اثر ادب تي پڻ ٿيو. شعر ۽ ادب جي دنيا ۾ نوان انقلاب آيا، جنهن جا اثر سنڌي شاعرائن جي شاعريءَ ۾ چٽا نظر اچن ٿا. جديد سنڌي شاعري انگريز دؤر ۽ روسي انقلاب کان پوءِ شروع ٿي، جنهن ۾ شاعر عورتن پاڻ کي پوئتي نہ رکيو آهي. اسان کي ڪيتريون اهڙيون شاعرائون ملن ٿيون، جن پنهنجي منفرد ۽ جديد رنگ ۾ شاعري ڪئي آهي.

مقدمہ لطيفيءَ، ۾ ڊاڪٽر گُربخشاڻي لکيو آهي تہ: "جدت مان مراد آهي تہ شاعر مضمون اهڙا علحده علحده اختيار ڪري، جن تي ٻين شاعرن طبع آزمائي نہ ڪئي هُجي، يا جيڪڏهن ڪئي بہ هُجين تہ پاڻ وري اُنهن کي اهڙي طرز ۽ اهڙي نموني ۾ ادا ڪري، جو ايئن معلوم نہ ٿئي تہ ڪنهن جو نقل يا تتبع ڪيو اٿس. ان کانسواءِ پنهنجو مطلب اهڙن نون نون طريقن سان بيان ڪري ۽ هڪڙي خيال کان ٻئي خيال ڏي وڃڻ ۾ اهڙي ڪاريگري ڪتب آڻي، جو پڙهندڙ جو ڌيان ٽٽي نہ، پڻ سندس لفظن ۽ جملن ۾ اهڙو جوش ۽ اثر هئڻ گهرجي، جو ٻائنجي تہ اُهي لفظ ۽ جملا سندس اندر مان اُڌما ڏيئي نڪتا آهن."(١)

اهڙي ريت، جديد شاعر جي وصف هن ريت لکي وئي آهي تہ: "جديد اُهو آهي، جو پنهنجي فن، فڪر ۽ پيشڪش ۾ نئون نڪور آهي، جنهن جي فڪر ۾ نواڻ آهي، جنهن جي سوچ ۾ تازگي آهي، جو نئين جو ادراڪ رکي ٿو، جنهن جي پيشڪش جو انداز منفرد ۽ نيارو آهي، جو گهرو آهي، جو بُلند آهي، جو نوان پر جٽادار بنياد رکي ٿو، جو پنهنجي ٻوليءَ کي نوان ۽ صحتمند خيال، خواب ۽ تصور آڇي ٿو، جو مدي خارج ۽ پاروٿو ناهي."(٢)

جديد دؤر جي شاعرن جي صف ۾ عورت شاعرائن ۾ منفرد ۽ پختي لَهجي واري شاعره طور ميٽا حاصل ڪندڙ مُحترمہ سحر امداد جي شاعري جو اڀياس ڪنداسون تہ معلوم ٿيندو تہ هن جديد سنڌي شاعريءَ جي گهڻي ڀاڱي هر صنف کي خوبصورتيءَ، جدت ۽ نواڻ سان لکيو آهي، پر سندس نظم ۽ نثري نظم ڪمال جا آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، جيڪا شاعريءَ ۾ پنهنجو مختصر نالو 'سحر امداد' ڪتب آڻيندي آهي، اُن جو جنم ٢٠ جولاءِ ١٩٥١ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. سندس پيءُ جو نالو صلاح الدين بلوچ هو ۽ سندس گهروارو سنڌي ٻولي جو اهم ۽

ناميارو جديد شاعر امداد حسيني آهي. سحر امداد ايم. اي (سنڌي ادب) ۽ پي. ايڇ. ڊي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي. ڊاڪٽر صاحبہ جي پي. ايڇ. ڊي جو موضوع، 'جديد سنڌي شاعري، هڪ نئون ڪلاسڪ: ١٩٥٥ کان ١٩٧٥ع' آهي. پاڻ ٣٥ سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ اُستاد جي حيثيت ۾ لاڳاپيل رهي، اُن وچ ۾ ڏهہ سال هوءَ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ماڊل گرلس هاءِ اسڪول/ ڪاليج جي پرنسيپل بہ رهي ۽ يونيورسٽيءَ مان پروفيسر جي حيثيت سان ٢٠١١ع ۾ رٽائر ٿي، هاڻي ڪراچيءَ جي حبيب يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ۽ اردو جي پروفيسر آهي. سحر امداد شاعريءَ جي شروعات ١٩٦٩ع ۾ ڪئي، اُن کان پهرين مختلف رسالن، ڪاليج مئگزينز ۽ اخبارن ۾ مضمون لکندي رهي آهي.

سحر امداد اٺ ڪتاب لکيا آهن، جن مان ٻہ اهم ڪتاب، هڪ: سندس تحقيقي مقالن جو ڪتاب 'شعور، شاعر، شاعري' آهي، (جنهن کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ٢٠٠٨ع ۾ بهترين تحقيقي ايوارڊ ڏنو ويو) ۽ ٻيو سندس شاعريءَ جو مجموعو 'چوڏهينءَ چنڊ آڪاس' آهي.

سحر امداد جي شاعريءَ جي مجموعي 'چوڏهينءَ چنڊ آڪاس' جو جائزو وٺجي ٿو تہ، جتي هن شاعريءَ جي جديد صنفن کي لکيو آهي، اُتي ڪلاسيڪي صنفن ۽ موضوعن کي بہ نئين رنگ سان بيان ڪيو آهي. سندس شعري مجموعي 'چوڏهينءَ چنڊ آڪاس' جي ابتدا ۾ ڏنل 'هنڌ تون ئي تون' ان جو بهترين مثال آهي، جنهن ۾ فطرت جي عڪاسي شاندار نموني بيان ڪيل آهي، جيتوڻيڪ نظم، نثري نظم جي انداز ۾ لکيل آهي، پر نهايت پُراثر آهي.

## تون ئي تون!

آڪاس تي گهنگهور گهٽائون ڇانيل آهن،
راتوڪر اُن تي مينهن لڳاتار وسي رهيو آهي،
ڌرتيءَ سائي مخملين چادر اوڍي آهي،
املتاس، انب ۽ ڄمونءَ جي ويڪرن پنن تان،
ورهين جي مٽي ڌوپجي وئي آهي،
ٿالهيءَ جا ڇهچ ساوا پن،





زمرد جيان جرڪي رهيا آهن،
چمپا، گلاب ۽ گل مهر جي،
اُجرن، شفاف ۽ رنگا رنگ گلن،
سانوڻ ۾ گلڪاري لاتي آهي.(٣)

'ڪيهہ ڪٿوري' ٻيو هڪ خوبصورت نظم، سنڌ ڌرتيءَ جي شان ۾ چيل آهي. هن نظم ۾ سحر امداد جي محبوب 'سنڌ' آهي. هن نظم ۾ شاعره پنهنجي وطن کي سينگارڻ ۽ سنوارڻ جي ڳالھ ڪئي آهي، سنڌي عورت هميشہ گهر کي سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ مهارت رکندي آهي ۽ گهر جي سجاوٽ جي شوقين بہ هوندي آهي. سحر امداد بہ سنڌ جي سُگهڙ عورت هئڻ وارو نسائي جذبو پنهنجي محبوب سنڌ کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ لاءِ لفظن جي روپ ۾ سموهي پيش ڪيو آهي.

## ڪيهہ ڪٿوري

ساهہ سيباٽي سنڌڙي جيجل،
مُرڪُ تہ مَرڪان، منهنجي آيل!
سسئي، سهڻي، سورٺ، مومل،
جيڏي، سرتي، سوڍي، سونل!
تنهنجي ڪيهہ ڪٿوري پايان،
تارا تارا سينڌ سجايان،
مرگهہ اکين ۾ ريکا پايان،
لال لبن کي سُرخي لايان،
لوئيءَ لوئيءَ لاک لڳايان،
توسان پنهنجي پريت پُڄايان.(٤)

هن نظم جي جدت اها آهي تہ ان ۾ ڪلاسيڪي ڪردارن سسئي، سُهڻي، سورٺ ۽ مومل کي جديد ڪلاسڪ جو روپ ڏيئي، انهن کي مجسم سنڌ ۽ سنڌ ۾ مدغم ڪري ڇڏيو آهي.

سحر امداد پنهنجي جنم ڀوميءَ جي عاشق آهي، ڌرتيءَ جي ڌوڙ (مٽي) بہ هن لاءِ ڪٿوري آهي. خوبصورتيءَ جي علامت مالها (ڳچيءَ جو هار) آهي، شاعره سنڌ

ڌرتيءَ کي محبوب وارا سينگار ڪرائي، ’تارن‘ جي مالها پائي، سدا سهاڳڻ ڪري پيش ڪيو آهي.

تارن جي مان مالها پوئي،
تنهنجي ڪونج ڳچيءَ ۾ پايان.[۵]

انسان فطري طور تي گهڻو ڪري ٻن رشتن سان گهڻو پيار ڪندو آهي، هڪ ماءُ (جيجل) ۽ ٻيو رشتو ’محبوب‘ جو آهي. هتي شاعره بہ سنڌ ڌرتيءَ کي اُنهن ٻنهي رشتن ۾ اظهاريو آهي ۽ قومي فرض دل و جان سان نڀايو آهي، اتي نظم کي جديد ٻولي ۽ رنگ ۾ پيش ڪيو آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين لکيو آهي تہ: ”سچا فنڪار پنهنجي خيال، فلسفي ۽ نقط نظر کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ ذات ۽ ڏانءَ، ٻنهي جو سهارو وٺندا آهن. لفظن جي سهڻي ترتيب ۽ ٻوليءَ جي جمالياتي سونهن، اسلوب ۽ اسٽائيل جي منفرد ۽ اعليٰ نموني ذريعي ئي ڪنهن اعليٰ خيال جو بهتر ۽ مؤثر اظهار ڪري سگهجي ٿو. ڪيترو بہ اعليٰ خيال هجي، جيڪڏهن پيشڪش جو انداز متاثر نہ ڪندو تہ اُهو پنهنجي اهميت وڃائي ڇڏيندو ۽ پڙهندڙ اُن مان ڪوبہ لاڀ پرائي نہ سگهندو. ساڳيءَ ريت ڪيترو بہ سهڻو انداز ۽ اعليٰ اظهار هوندو، جيڪڏهن خيال ۾ دم نہ هوندو، فڪري بلندي ۽ عظمت نہ هوندي تہ اُهو پڙهندڙ جي توجهہ حاصل ڪري ڪونہ سگهندو.“[٦]

سحر امداد جي شاعريءَ ۾ اُهي سڀ خوبيون جدت سان موجود آهن. شاعره ٻين صنفن سان گڏ بيحد سرل ۽ سهڻا دوها لکيا آهن، سندس دوها نغمگي، رس ۽ معنيٰ سان ڀرپور هئڻ سان گڏ جدت ۽ ندرت جو غماز آهن.

هڪ ڏينهن ويٺي سوچيم سائين، پنهنجو ڪهڙو سنگ؟
آڪاس جهڪي، ڌرتيءَ کي چُميو، روح رچي ويو رنگ.

ديول ڊاهي، مندر ڊاهي، پهتس پريم دوارِ،
تون ئي داتا، تون ئي ڀڳوان، تون ئي پارِ اَپارِ!

جيئن پراڻي تيئن مڇي سا، محبت سندي مَنڌُ،
پاڻ پرهہ جا پياڪ او پيارا! هاڪ پئي هر هنڌ.[٧]





آڪاس جو ڌرتيءَ کي چمڻ ۽ روح جو رچي رنگ ٿيڻ جا فقرا ڪيڏا نہ خوبصورت آهن، سحر امداد جي شاعريءَ جو فڪر نرالو ۽ نرملتا سان ڀريل آهي، اُنهن دوهن ۾ نِسائيت جو رنگ چٽو نظر اچي ٿو. پاڻ کي ڌرتيءَ سان ڀيٽڻ ۽ محبوب کي آڪاس چوڻ ’سنڌي مائي‘ جو فڪر آهي، جيڪا هميشہ پاڻ کي مرد جي اڳيان عاجزي ۽ نماڻائيءَ سان پيش ڪندي رهي آهي. هي دوها فڪري ۽ فني گهرجن تي معياري جديد ٻولي ۾ رچيل ۽ پورا آهن.

سحر امداد جي شاعريءَ ۾ تشبيهون ۽ استعارا گهري فڪر جو ثبوت آهن. سندس نظم ’يادگيرين جو موت‘ ۾ ’ماچيس جي تيلي‘ ۽ ’شمشان‘ منفرد استعارا آهن. ساڳئي نظم ۾ ’هيسيل ٻار‘، ’گهگهہ اونداهي‘ ۽ ’هوا جي شور جا اوسارا ٻڌجڻ‘ جا استعارا بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

جديد ادب تي سنڌ جو عالم ۽ نقاد غلام محمد گرامي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: ”نئين ادب جو طره امتياز اهو آهي تہ اُن اسان کي ڪڙمي، مزدور، نوڪر، چاڪر، ڪسبي ۽ طوائف جي حيثيت ۽ شخصيت، هستيءَ سان روشناس ڪيو. اُنهن جي قدر و قيمت کي مقرر ڪري، اسان کي اهو ٻڌايو تہ هي طبقو بہ انسانيت جي دائري ۾ شامل آهي، اُن مان خارج نہ آهي. ٻيو تہ هي طبقو رذيل نہ آهي، پر مظلوم آهي. اها آواره ۽ بيڪس عورت، جنهن کي سوسائٽي، گنهگار سڏي انسانيت جي دائري کان خارج ٿي ڪري، سا اصل ۾ گنهگار نہ آهي، پر مظلوم آهي... نئين ادب جي ڪسبياڻي، چوڻ ۾ تہ ڪسبي آهي، پر اصل ۾ مظلوم عورت آهي ۽ انصاف لاءِ ٻاڏائيندڙ انسان. ٻنهي ۾ اهو فرق آهي ۽ وڏو فرق آهي. مزدور، ڪڙمي، نوڪر، ڪسبي ۽ آواره عورت جي انسانيت، قدر و قيمت ۽ حيثيت کي اسان جي نگاهن ۾ قائم ڪري، ’نئين ادب‘ اسان تي وڏو احسان ڪيو آهي، جنهن کي ڪڏهن بہ فراموش ڪري نہ ٿو سگهجي ۽ اهو ئي اُن جو ڪارنامو آهي.[٨]

سحر امداد جديد ادب (نئين ادب) جي علامت آهي. جنهن ۾ هن معاشري جي ڌڪاريل عورت جو درد رقم ڪيو آهي، سندس هي نظم ڏسو:

ڪجهہ سڪن خاطر
چانديءَ جي ڪجهہ سڪن خاطر

ڪاغذ جي ڪجھ نوٽن خاطر
ڦرموٽيءَ جيئن ڦيريون پائي
جھومي ڳائي
من پرچائي
وياڪل وياڪل
لڙڪ لڪائي
مرڪ ورهائي
ديرو ديرو
ماٺهن ميڙو
پوءِ بہ آهي
جڻ تہ اڪيلي
هڪڙي ڪجري.(٩)

’ڪجري‘ جي ان ڳجهي احساسِ محروميءَ کي اهڙي طريقي سان ۽ ايتري گهرائيءَ سان مشڪل ڪو ڪنهن محسوس ڪيو هجي، جهڙيءَ طرح سحر امداد ان درد کي سمجهيو ۽ قلم جي ذريعي ان احساسِ محروميءَ کي پيش ڪيو آهي. جديد شاعري جو اهو معجزو ۽ اها پيشڪش ڪمال جي آهي.

شمشير الحيدري لکي ٿو: ”ڪي فقط داخليت جا شاعر آهن ۽ ڪي خارجيت جا، پر ڪي شاعر اهڙا بہ آهن، جن جي ڪلام ۾ داخلي ۽ خارجي نقط نظر جو سهڻو ميلاپ آهي. عظيم شاعري گهڻو ڪري اهڙن شاعرن پيدا ڪئي آهي. سندن عظمت جو راز هي آهي، جو اُنهن خارجي واقعن ۽ حقيقتن کي پنهنجن جذبن ۽ احساسن جي آئيني ۾ ڏٺو ۽ ڏيکاريو آهي.“(١٠)

سحر امداد جديد شاعريءَ جي معيار تي پوري لٿي آهي، جنهن ڪري جديد دور جي شاعرائن ۾ غير معمولي شاعره آهي.

سحر امداد جو ’نئون سج‘ نظم ون يونٽ ٽٽڻ تي لکيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي جوانن جي محنت ۽ همٿ کي ساراهيو اٿس. سحر امداد لکي ٿي:

”١ جولاءِ ١٩٧٠ع تي ون يونٽ ٽٽڻ جو اعلان ٿيو هو. اُن ڏينهن کي سموري





سنڌي قوم هڪ ڏڻ طور ملهايو هو. ٣٠ جون تي رات جو ٻارهين وڳي گهنڊ وڄڻ سان شادمانا شروع ٿي ويا هئا. مون سينٽرل جيل جي هڪڙي ننڍڙي گهر ۾ (جتي سندس والد صلاح الدين جيل سپرنٽينڊنٽ طور رهندو هو) اتي هي نظم تخليق ڪيو.

سنڌ تي اُڀرندڙ نئين سج جي سواگت لاءِ.
نئون سج
رت ٽمندو رهيو
لاٽ ٻرندي رهي
پير وڌندا رهيا
ڏنگ ڊهندا رهيا
وات ٿهندي وئي
نوجوانن جو خون
رائيگان ڪين ويو
رات لڙهندي رهي
رت جي لهر ۾
لاٽ لڙهندي رهي
سنڌ جا وانگيو
سنڌ جا سانگيو!
سنڌڙيءَ جا سياڳا، جوان ساٿيو!
شل مُبارڪ هجي
هي نئين روشني
شال دائم ۽ قائم رهي سنڌڙي!
شال دائم ۽ قائم رهي سنڌڙي!
شل مبارڪ هجي هي نئين زندگي
سنڌ جا وانگيو
سنڌ جا سانگيو!
رات ڪٽندي وئي
باڪ ڦٽندي وئي

خون ۾ سُرخ سُرخ

سج اڀري پيو

سنڌڙيءَ جا سپاڳا، سدورا جوان ساٿيو!

سج اڀري پيو

سج اڀري پيو

رت ريٽي جيان

سُرخ سُرخ!"(١١)

هن نظم جو روان ۽ مترنم لهجو، لفظن جي جديد جُڙت خيال ۽ مفهوم جي حُسناڪي لاجواب آهي.

سحر امداد جي شاعريءَ ۾ عورت طرفان پيار جو اظهار بہ ڏاڍو سادگيءَ سان بيان ڪيل آهي. الهڙ ڇوڪرين جو پيار ايترو سچو ۽ سادو هوندو آهي، شاعره هڪ نظم ۾ چوي ٿي:

سِڪ سُرڪ

ڏاج ڏٺي ڏرتيءَ جا راڻا!

هن ديس انوکي اربيلي جي

مان ڪائي چنچل ڇوري هان!

اوري آ تون، اوري آ

آ ڏورانهين کي ڏوري آ

مان تنهنجي ڳل تان لڙڪ اگهان

۽ توکي منڙي مرڪ ڏيان! (١٢)

گهٽي ڊيگهه کان بچڻ لاءِ هن نظم جو هڪ حصو هتي ڏنو اٿم. سحر امداد جي شاعري پيار جي صدا سان ۽ سادگيءَ جي سرهاڻ سان ڀريل آهي. شاعره جو فڪر ڏاڍو 'سهپ وارو' ۽ 'پيار ونڊڻ، پيار ورهائڻ وارو' آهي. ان ڏس ۾ امداد حسيني لکي ٿو تہ: "سحر بنيادي طور تي نراس جي نہ، پر آس جي شاعره آهي. خزان ڪانپوءِ بهار اچڻي آهي. اها هن کي پڪ آهي."(١٣)

سحر امداد جو 'سنڌو' بابت نظم:





سنڌو آ سنڌڙيءَ جي سينڌ

سنڌو آ سنڌڙيءَ جي سينڌ

چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾

چوهہ پري جا چولي هئي

رات- لهر تي ڏيئا ڏيئا

لاک- رتي ڪا لولي هئي.(١٤)

هن نظم ۾ شاعره سنڌو درياءَ کي سنڌ جي سينڌ سڏي ٿي. نظم ۾ سنڌو درياءَ جي ڇولين، ماءُ جي لولين، جوڌن جوانن جي مستي، سنڌ جي سادگي، سونهن ۽ سهنج کي ساراهيو اٿس.

شمشير الحيدري لکي ٿو: "سادگي ۽ سونهن رومانوي شاعريءَ جو مول متو هوندي آهي. گلن ۽ ميون سان ڀريل باغات، سرسبز ٻنيون ۽ ٻارا، وهندڙ پاڻيءَ جون نهرون ۽ جهرڻا، انيڪ قسمن جا پکي ۽ اُنهن جون لاتيون، هوا ۾ ترندڙ ڪڪرن جا عجب ڊول، آسمان ۾ چنڊ ۽ تارن جا منڊل خود هيءَ ڌرتي ۽ اُن تي گذاريندڙ فطرت جي شاهڪار انسان جي سادي ۽ فطري زندگي، اُنهن سڀني چيزن ۾ هڪ رومانوي شاعر لاءِ انتهائي ڪشش ۽ مسرت ڀريل آهي. هو ان ڪري نہ صرف فطرت جي انهيءَ نظام کي چاهي ۽ پسند ڪري ٿو، بلڪ ان ۾ سادگي ۽ سونهن جي فطري سرشتي کي سلامت رکڻ جو پڻ خواهان آهي."(١٥)

سحر امداد جو هي ننڍڙو نثري نظم ڏسو:

'ناتو'

گذريل ڪنهن بہ جنم ۾

ساونڻ جي تون موسم هوندين

مان ٻاٻيهو!(١٦)

هي نظم بہ نہ رڳو رومانوي آهي، پر اُن ۾ نسائي احساس موجود آهي تہ 'مان ٻاٻيهو ۽ تون (منهنجا محبوب) برسات جي موسم آهين'. ٻاٻيهي جي زندگيءَ لاءِ برسات ضروري آهي، مينهن جي موسم ۽ ٻاٻيهي جي تعلق کي لطيف سائينءَ جيتري خوبصورتيءَ سان اُجاگر ڪيو آهي، اڄ جي دؤر ۾ سحر امداد ان فڪر کي نواڻ ڏني

آهي، شاعره مخصوص سنڌ جي عورت جي محبت کي مضبوط ۽ سچو پيش ڪيو آهي. لطيف سائينءَ فرمايو هو:

مر لڳي لوهه، تر ٻاٻيهو تي مران.

'چؤنري تي چنڊ' نظم ٿر جي ٿرياڻيءَ جي محبت ۽ ڳوٺ جو نقشو چٽي ٿو. هن نظم ۾ شاعره ماروئڙن جي گهرن (چؤنرن) جو ذڪر ڪندي، هڪ اهڙي ناريءَ جي دلي جذبات کي بيان ڪيو آهي، جيڪا چانڊوڪيءَ جي رات ۾ پنهنجي محبوب کي ياد ڪندي، دل کي دلاسا ڏيئي رهي آهي.

**'چؤنري تي چنڊ'**

چؤنري تي چنڊ ڏٺوم
سرتيون ساجن سنڀريوم
تارا تارا لڙڪ رنام!
ڏينهن ڏونگر، راتيون روهه
جاندهه جهڙي جندڙي
توريءَ جاڙ جيوم
تارا تارا لڙڪ رُنام!
من- بن ۾ دُکندو دُک
سکي آهيان سرتيون
ڪيڏو ڪوڙ ڪيوم
تارا تارا لڙڪ رنام![17]

هن نظم جي جدت اِها آهي ته ان ۾ بيت جو ماترڪ چند ۽ ماترائن جي ترتيب استعمال ڪري نظم کي جديد گهاڙيٽو ۽ هيئت بخشي اٿس.

'سنڌو ساگر جي پٽ راڻي' نظم ۾ شاعره خوشيءَ وارن احساسن سان گڏ تلخ حقيقت ڏانهن اشارو به ڪيو آهي. نظم 'پپي' ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل جا استعارا آهن. ٽيئي نسائي ڪردار ڌيءُ (ٻارڙي) اُن جي ماءُ ۽ ماءُ جي ماءُ (ناني) ساڳيئي وقت اسان جو نئون نسل ڪيڏو هوشيار آهي ۽ پراڻو نسل ڪيڏو سادو. اُن کي هڪ خاص ترتيب ۾ اُنهن ڪيفيتن کي هڪ معصوم پپيءَ وسيلي اُجاگر ڪرڻ هڪ





نئون ۽ انوکو خيال آهي، جيڪو شاعره جي انفراديت کي پڌرو ڪري ٿو. 'پپي' هڪ جديد نثري نظم آهي

**'پپي'**

ڪالهه موڪلائڻ مهل
منهنجي لپ اسٽڪ لڳل چپن کي تو چُميو
اڄ امڙ مون کان پڇيو هو:
"جانان جا چپ ڪهڙيءَ خوشيءَ ۾ لال هئا"
ويچاري اَمان!
رحم اچي ويو هئم ماءُ تي
جنهن جا چپ شايد ڪڏهن به منهنجي پيءُ ناهن چُميا
اڄ وري 'شامِ غزل' تان موٽندي
منهنجي لپ اسٽڪ لڳل چپن کي تو چميو هو،
منهنجي ٻن سالن جي ڌيءُ
ڳرانڙي پائي چيو هو:
آيل مون کي به پپي ڏي![18]

شاعره جي گهري نظر جو ڪمال آهي، جو اڻ چميل چپن جو احساس گهرائيءَ سان محسوس ڪندي، ان ۾ لڪل احساسِ محروميءَ کي شاعريءَ ۾ آندو اٿس. اهڙيءَ طرح 'تابوت' نظم ۾ شاعره اُن عورت جو عڪس چٽيو آهي، يا ڪٽي چئون ته اُن عورت جي مجروح ٿيل جذبات کي زبان ڏني اٿس، جنهن عورت جي شادي اهڙي طرح ٿئي ٿي، جو جيئن مري ويل کي ڪفن پارائي، دفن ڪري اچجي: فهميده رياض ان نظم لاءِ لکي ٿي ته: "سحر جو هڪ نظم 'تابوت' انسان کي ان بستري تائين وٺي ٿو وڃي، جيڪو نندي ڪنڊ جي گهٽيل عورتن جي قسمت آهي، جتي هن جي لفظن ۾:

ڏڪن جيڏا، نُنهن ٽُنبي
منهنجي مٿل هِردي کي جياريو ويندو آهي
۽ منهنجي گذريل اعمالن جو
پڇاڙو ٿيندو آهي.

اهو نثري نظم پڙهي مان حيرت زده رهجي ويئي هيس. بظاهر ڪيڏي نه معمولي ڳالهه آهي، پر اج تائين ڪنهن شاعر اُها چو نه لکي! چا اسان جي سڄي ايشيا کنڊ جي مرد ۽ عورت جو اهو ئي حال ناهي؟

چا هڪ خوبصورت رشتي جي تذليل هر گهر ۾ ايئن نه ٿي ڪئي وڃي؟ شڪ، جيلسي، پچا ڳاچا! اهو ئي آهي، اهو زهر، جو هر گهر ۾ پياريو پيو وڃي. سحر! تو هي لفظ لکي، هندوستان، پاڪستان ۽ بنگلاديش جي هر گهر جي تصوير چِڪي ورتي آهي.“[19]

سحر امداد پنهنجي ڪٽنب کي ڏسي، رب جو شڪر ادا ڪيو آهي، اها خوشي به نظم ۾ لکي اٿس. اهڙيءَ طرح سحر امداد ڪيترائي اهڙا ته ستا به لکيا آهن، جن ۾ پنهنجي ٻارڙن لاءِ دعا گهري اٿس. خاص ڪري ’سنڌيا‘ جيڪا سندس ڌيءَ آهي. شاعره جي نس نس ۾ شاعري رچيل آهي، جو ٻارڙن لاءِ ۽ وَر لاءِ دعا به شاعريءَ ۾ گهري ٿي. شاعر جنهن سماج ۾ پيدا ٿئي ٿو، پلي ٿو، اُن سماج جي ماڻهن جو عڪس چٽي ٿو. سحر امداد به پنهنجي شاعريءَ ۾ سماج جا عڪس چٽيا آهن. ’ٻڙ جو گهاٽو وڻ‘ نظم ۾ شاعره پنهنجي وطن کي ٻڙ جي گهاٽي وڻ سان تشبيهه ڏني آهي، ٻڙ جي وڻ جي جوين جي ڳالهه ڪندي، وري اُن جي اُجڙڻ جو نقشو چٽيو اٿس.

**’ٻڙ جو گهاٽو وڻ‘**

پر او چندا! پر او گيدي! پر او پاڙيا!
(شل ڪو ڪاريءَ تي پير پوَئي!)
تنهنجو ڪوئي نسل نه آهي.
تنهنجو ڪوئي نسل نه ٿيندو
چو ته تون
بي پاڙيءَ وانگي
هوا ۾ لڙڪيل آهين!
تنهنجي ڪائي پاڙ نه آهي
تنهنجو ڪوئي ٽڙ نه ٽاري
پن نه گل ميوو![20]



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

’پرندڙ سورج‘ نظم ۾ شاعره سنڌ جي ڪاري دؤر (ضياءُ الحق واري دؤر) جو نقشو چٽيو آهي، جنهن ۾ حاڪمن تي تنقيد ٿيل آهي. شاعره چوي ٿي:

**’پرندر سورج‘**

نرڙ تي اُڪريل هڪڙيءَ اک سان
خوني چور ۽ رهزن زاني،
عالم، ليکڪ، دانشور کي،
شاعر، سرجڻهار سين کي،
هو هڪڙي اک سان ڏسندو آهي
انڌير نگر ۽ چرٻٽ راجا وارو
قِصو هت به هلندو آهي.[21]

شاعر جي نظر سماج جي هر روئداد تي هوندي آهي ۽ اُنهن روين کي دل جي گهرائين سان محسوس ڪندي، سحر امداد شاعريءَ جا موضوع چونڊيا آهن، جيڪي جديد پيشڪش جو خوبصورت مثال آهن.

’شهر آشوب‘ شعر/ نظم جو هڪ قسم آهي، جيڪو اردو شاعرن ’دهلي‘ ۽ امداد حسينيءَ حيدر آباد جي پسمنظر ۾ لکيو آهي، پر سحر امداد جو شهر آشوب ڏاڍو متاثر ڪندڙ آهي.

’پنن ڇڻڻ جون موسمون‘ (شهر آشوب) نظم ۾ شاعره سنڌ جي شهرن، ڳوٺن جي اڳواڻن، وڏيرن، ڪامورن، ديش دروهي رهزنن هن ’حسين ديس سنڌ‘ جيڪو هڪ سکيو، ستابو، سهڻو، سينگاريل، امن ۽ آشتي جو ديس هو، اُن جو چا حال ڪيو آهي؟ ان سرسبز ۽ شاداب چمن کي ڪيئن اُجاڙيو ويو آهي، جو اج هي ديس تباهه ۽ برباد ٿي چڪو آهي. هن ديس ۾ انسان ڪٿي به محفوظ ناهي! هي نظم پنهنجو مٽ پاڻ آهي. شاعر پنهنجي وطن ۽ وطن وارن جو جائزو وٺي ٿو، مشاهدو ڪري ٿو، اهو سڀ سحر امداد جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو.

شاعر جيڪو ماضي، حال ۽ مستقبل تي گهري نظر رکندو آهي، سو سحر امداد واقعي ’اج جو نظم‘ لکي پنهنجي گهري فڪر ۽ ڪري هجڻ جي ثابتي ڏني آهي. اهو نظم ڪالهه به ’اج جو نظم‘ هو ۽ اج به ’اج جو نظم‘ آهي. ’ميري اک‘ نظم ۾

وري شاعره سنڌ جي اندروني (خانہ جنگي) حالتن تي نڪتہ چيني ڪئي آهي.

**’ميري اک‘**

ڪارو ڪاريءَ جي ڪٽ ٻهاني سان،
ڪٿي ڪوڙي سچي فساني سان،
ڪٿ قبيلي جي جنگ جي نالي سان،
ڪٿي بي شرم، شرم جي نالي سان،
ڪٿي مذهب ۽ ڌرم جي نالي سان،
ڪيڏي ويڙهاند ٿي رهي آهي،
انڌ جي راند ٿي رهي آهي،
....
سنڌ ڪاڏي وڃي رهي آهي!
...
سنڌ ڪاڏي وڃي رهي آهي![22]

’دلبو‘ نظم ۾ شاعره اُنهن دانشورن کي وائکو ڪيو آهي، جيڪي سنڌ جي مظلوم طبقي جي نالي ۾ فائيو اسٽار هوٽلن ۾ وڃي، پنهنجا پيٽ ۽ پاڪيٽ ڀرين ٿا. هڪ شاعر جي حساسيت جو اظهار سندس سادن سودن لفظن ۾ پوشيده آهي، جيڪو هن جي سماجي سطح تي حساس طبيعت جو آئينہ دار آهي ۽ هوءَ ٻڄهہ ٻوهہ ۾ هڪ گهري ڇهنبڙي هٽي ٿي وڃي.

**’دلبو‘**

سڀ ڪجهہ ويل ارينجڊ آهي،
ٽاپ ڪان ويندي ٻاٽم تائين،
جنهن جنهن کي ڀ،
جو جو ڪجهہ ڀ،
ملڻو آهي،
سو سڀ ڪجهہ طئي آهي،





۽ ڏنڙيل کي ملڻو آهي،
سڪڻو دلاسو،
اخبارن جو پيٽ ڀرڻ لاءِ هڪڙي سُرخي،
ڪاري سرخي![23]

’اُتساهہ‘ ٨ مارچ جي حوالي سان (٨ مارچ عورتن جو عالمي ڏينهن) نظم آهي، جنهن ۾ شاعره عورت کي اُتساهيو (همٿ ڏياري) آهي تہ اڄ جو ڏينهن ’تنهنجو‘ آهي ۽ هن نظم ۾ شاهہ لطيف جي سورمين سسئي، سهڻي، سورٺ، مومل، مارئيءَ کي ’اڄ جي عورت کي اُهجاڻي‘ سطح تي هڪ لڙيءَ ۾ پوئي ٿي ڇڏي. ايئن هوءَ شاهہ لطيف کي خراج پيش ڪري ٿي، جنهن اهڙا ارڏا، بهادر نسائي ڪردار سنڌي ادب ۽ شاعريءَ کي هڪ علامت طور عطا ڪيا.

**’اُتساهہ‘**

اڄ جو ڏينهن سندم آ جيڏي
اڄ جي ڏينهن
لفظن ۾ تون رُڪ ڀري ڇڏ
۽ نرم ملائم هٿڙن ۾ تون
لوهي مڪ ڀري ڇڏ
ڪومل شيتل هِردي ۾ تون
اڻ ميو اتساهہ ڀري ڇڏ
اکڙين ۾ ويساهہ ڀري ڇڏ.[24]

شمشير الحيدري هڪ هنڌ لکي ٿو: ”شاعر جو مزاج، سائنسدان يا فيلسوف جي ڀيٽ ۾ سراسر جذباتي هوندو آهي ۽ هو ڪائنات جي ڀيٽ ۾ سراسر جذبات جي آئيني ۾ ڏسندو ۽ ڏيکاريندو آهي. اها ئي ڳالهہ شاعريءَ جو بنياد، بلڪ شاعريءَ جي وصف آهي. جڏهين ڪنهن تخليق ۾ جذباتي ردعمل ايڏو گهڻو هوندو آهي، جو اُها داخلي شاعريءَ جي زمري ۾ ايندي آهي، پر ڪي چيزون اهڙيون ملنديون، جن ۾ خارجي ۽ داخلي عنصرن جو واضح ميلاپ نظر ايندو. اُنهن جي مطالعي مان پڙهندڙ کي فوراً فرد ۽ ماحول جي وچ ۾ ربط ۽ قربت جو احساس ٿيندو، جڻ تہ زندگيءَ جون

تلخيون ۽ مسرتون اول شاعر جي دلي گهرائين ۾ ٻڏي ويون آهن ۽ پوءِ جڏهين اهي سندس جذبن ۽ احساسن سان ملي نرم ٿي هڪ ٿي ويون آهن، تڏهن شعر جي روپ ۾ نڪري آيون آهن.[٢٥]

سحر امداد جي شاعريءَ تي ٻه خارجي ۽ داخلي عنصرن جو واضح ميلاپ نظر اچي ٿو. 'زنا بالجبر' نظم ۾ شاعره فحش نظرن تي تنقيد ڪئي آهي، مردن ڪي اندازو ئي نه هوندو ته ڪا عورت سندن فحش نظرن کي ايترو چٽو سمجهي ۽ شاعريءَ ۾ اظهاري به سگهي ٿي، هتي نظم جو ڪجھ حصو ڏسون ٿا:

**'زنا بالجبر'**

جيئن
ڪتي جي ڪَنَ ۾ ڪوئي چچڙ!
ٿي سگهي ٿو پاس ڪن ڪوئي رِمارڪ!
۽ اکيون
جي بي سبب گهوري رهيون آهن
اهي ڪيڏيون نه فحش آهن!
۽ انهن اکين جي
گُهٽيل
بند
بدبودار
ڪمرن منجھ
سنهڙي چيلھ ۽ پرپور اُرهن واري ناري الف اُگهاڙي!
۽ انهي ڪنيا جو چهرو
ڪوبه ناهي
جيڪڏهن آهي ته
بس هڪ جسم آهي.[٢٦]

'اسٽاپ هراسنگ ورڪنگ وومين' شاعره جو هي نظم به عورتن لاءِ همت ۽ اُتساهه جو پيغام آهي. 'روبوٽ' نظم ۾ به اهڙن مردن تي تنقيد ٿيل آهي، جيڪي





عورت کي پنهنجي اشارن تي هلائين ٿا ۽ چون ٿا ته اسان مڙس ماڻهو آهيون، اسان ڪان اسان جون 'مايون' ڏجن ٿيون.

**'روبوٽ'**

بنا محسوس ڪرڻ جي
پيار ڪرڻ جي
سمهڻ ۽ جاڳڻ
سمورا نيم
جيئن ته فيڊ ڪيل آهن
تيئن ئي تن تي عمل ڪري
اڻ سوچيل
اڻ سمجهيل
اڻ محسوس ڪيل
احساسن سان
بنا جيئڻ جي جيون گهاري![٢٧]

'پنجين موسم' نظم ۾ شاعره واهوندي جي ورڻ جي موسم کي ياد ڪيو آهي. محبوب لاءِ انتظار جي ڪيفيت ۽ نه ملڻ جي نراسائي بيان ڪئي آهي:

**'پنجين موسم'**

واهوندي ورڻ جي موسم ۾
مون تو لئه نيڻ وڇايا ها
هردي ۾ ديپ جلايا ها
پر مون لئه شايد هر موسم
من- ٺار ملڻ جي موسم ناهي!
ڪنوٽين جيئن کِلڻ جي موسم ناهي![٢٨]

'يادون'، 'بادلن ڪان پري'، هنن ٻنهي نظمن ۾ محبوب لاءِ پيار جو جذبو آهي، جيڪو پڻ نسائيت سان پرپور آهي. ساڳئي طرح 'جنم جنم جا ناتا' ۾ نسائي احساس موجود آهن:

**’جنم جنم جا ناتا‘**

جنم جنم جا پنهنجا ناتا
ڪوڙي دنيا ڪونہ سڃاتا
پل پل پنهنجي پريت او سپرين
جڳ جڳ پنهنجي جيت او سپرين
سائين توتان صدقي ٿيان
توتان گهورؤن گهورَ وڃان [۲۹]

هن نظم جي لفظ لفظ ۾ نسائي احساس سمايل آهن، ’توتان گهورؤن گهور وڃان‘، سراسر نسائي جذبو آهي، اهو ’گهور‘ وڃڻ عورت جي پيار جي انتها آهي. سنڌ جي عورت محبوب مٿان جان ڏيڻ ۾ اڳڀري آهي.

’اي همسفر‘ گيت آهي، جنهن ۾ خوشيءَ جو احساس آهي، ’واديون آهن اُداس‘ ۾ شاعره ڏک ۽ سک جو گڏيل احساس پيش ڪيو آهي. هر انسان سڪون سان رهڻ چاهي ٿو، پر هتي جو ماحول اُداس آهي، جيڪو بي سڪونيءَ جو سبب آهي:

**’واديون آهن اُداس‘**

جو ساز ڪي آواز ڏئي
جو ناز ڪي انداز ڏئي
اهڙي ئي ڪنهن انسان لئہ
هي واديون آهن اُداس، آهن اُداس
هي صورتون آهن اُماس، آهن اُماس. [۳۰]

’ڪاري ليڪ‘ هڪ انتهائي دل ڇُهائيندڙ نظم آهي، هن نظم ۾ شاعره بمن سان اُجاڙيل تباهہ ٿيل هڪ شهر جو نقشو چٽيو آهي. ’جيئري ئي مئل‘ نظم ۾ بم ڌماڪي سان اُڏاريل انساني جسم ۽ ٻارن جي ٽڪرا ٽڪرا ٿيل لاشن جو نوحو آهي. اهو نظم ٽين دنيا جي بيوس ۽ مجبور ماڻهن جو نوحو آهي، ان ۾ پيانڪ راند جو هڪ دل ڇُهائيندڙ چٽ آهي، جيڪا اڄ دنيا جي هن گولي تي کيڏي پئي وڃي. ايئن لڳي ٿو تہ خود انسان ئي اُن ڌرتيءَ جي تباهہ ٿيڻ جو ڪارڻ آهي.





## نتيجو:

ڊاڪٽر سحر امداد سنڌي شاعريءَ جي گهڻي ڀاڱي هر صنف کي خوبصورتيءَ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ ورتايو آهي. شاعره سنڌ سان بيحد محبت جو اظهار ڪيو آهي. سندس لهجو، ڏانءُ ۽ فڪر سنڌي ثقافت کي پيش ڪري ٿو. سندس شاعريءَ ۾ اسان کي لوڪ، ڪلاسيڪل ۽ جديديت جو خوبصورت امتزاج ملندو. هن جي شاعريءَ ۾ اسان کي جذبن، احساس جي فڪري اُڏام، تُز ٻولي، فني فڪري نزاڪتن ۽ جديد حسيت جو شعور ملندو. سحر امداد جي شاعريءَ جو محور سنڌ آهي، ڌرتيءَ سان عشق کي شاعره تخليقي سطح تي اظهاريو آهي. سندس اهم ترين نظم ’شهر آشوب‘ ۾ قديم ترين سنڌي سڀيتا جي تباهيءَ جو نوحو بيان ڪيل آهي. شاعره نہ صرف پنهنجي ديس، پر سموري دنيا ۾ ٿيندڙ تباهي ۽ ٽين دنيا جي انسان جي بيوسي ۽ لاچاريءَ تي دل ڇُهائيندڙ شاعري ڪئي آهي.

سندس شاعري نسائي جذبن سان ٽمٽار آهي. عورت مرد سان پيار ڪري معيوب نہ ٿي ٿئي، پر پاڻ سندس ملهہ مهانگو ٿيو پوي. سندس شاعريءَ ۾ نرمل نسائي احساس ڳتيل ملندو، سندس شاعريءَ ۾ حسن ۽ عشق جو انوکو سنگم آهي. ڊاڪٽر سحر امداد هڪ پتي ورت ۽ ممتا جي جذبن سان ٽمٽار شاعره آهي.

## حوالا


١. گربخشاڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند، ’مقدمہ لطيفي‘، ورسٽي سنڌي پبليڪيشن ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي، سنڌ، ١٩٧٧ع، ص ١١٣.

٢. حسيني، ڊاڪٽر سحر امداد، ’شعور، شاعر ۽ شاعري‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ، ٢٠٠٨ع، ص: ٣٤٩.

٣. حسيني، سحر امداد، ’چوڏهين چنڊ آڪاس‘، وعده ڪتاب گهر ڪراچي سنڌ، جون، ٢٠٠٣ع، ص: ٢٥

٤. ساڳيو، ص: ٢٨.

٥. ساڳيو، ص: ٢٧.

٦. فهميده حسين، ڊاڪٽر،’ ادبي تنقيد: فن ۽ تاريخ‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٢٠١١ع ص: ٢٥.

٧. حسيني، سحر امداد، چوڏهين چنڊ آڪاس، وعده ڪتاب گهر، ڪراچي سنڌ، جون ٢٠٠٣ع، ص: ٣٠.

٨. گرامي، غلام محمد، ’مشرقي شاعريءَ جافني قدر ۽ رحجانات‘ سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد سنڌ، سال ١٤١٣هه/ ١٩٩٢ع، ص: ١٥٢.

٩. حسيني، امداد سحر، ’چوڏهين چنڊ آڪاس‘، وعده ڪتاب گهر، ڪراچي سنڌ، جون ٢٠٠٣ع ص: ٦٨

١٠. شمشير الحيدري، ’جديد شاعري جي اوسر‘، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي سنڌ، سال مئي ٢٠١٢ع، ص: ٥٣.

١١. حسيني، امداد سحر، ’چوڏهين چنڊ آڪاس‘، وعده ڪتاب گهر، ڪراچي سنڌ، جون ٢٠٠٣ع، ص: ٦٩، ٧٠، ٧١.

١٢. ساڳيو، ص: ٧٨.

١٣. ساڳيو، ص: ٢٥٤.

١٤. ساڳيو، ص: ٨٤.

١٥. شمشير الحيدري، جديد شاعريءَ جي اوسر، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي سنڌ، مئي ٢٠١٢ع ص: ١١٥-١١١.

١٦. حسيني، امداد سحر، ’چوڏهين چنڊ آڪاس‘، وعده ڪتاب گهر، ڪراچي سنڌ، جون ٢٠٠٣ع، ص: ١٠٨.

١٧. ساڳيو، ص: ١١١.

١٨. ساڳيو، ص: ١١٧.

١٩. ساڳيو، ص: ١٢٨، ١٣٩.

٢٠. ساڳيو، ص: ١٧، ١٨.

٢١. ساڳيو، ص: ١٤٥.

٢٢. ساڳيو، ص: ١٥٢.

٢٣. ساڳيو، ص: ١٧٣.

٢٤. ساڳيو، ص: ١٧٥.

٢٥. شمشير الحيدري، ’جديد شاعريءَ جي اوسر‘، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي سنڌ، مئي ٢٠١٢ع ص: ٥٤.

٢٦. حسيني، امداد، ’چوڏهين چنڊ آڪاس‘، وعده ڪتاب گهر، ڪراچي سنڌ، جون ٢٠٠٣ع، ص: ١٨٠، ١٨١.







٢٧. ساڳيو، ص: ٢٠٨.

٢٨. ساڳيو، ص: ٢١١.

٢٩. ساڳيو، ص: ٢٢٠.

٣٠. ساڳيو، ص: ٢٢٦.